# سنڌ آرڊيننس نمبر LII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LII OF 1984

# سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH CONSUMPTION OF INTOXICANTS RESTRICTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1940

3. 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعه 3، 4 ۽ 5 جي ترميم

Amendment of sections 3, 4 and 5 of Sindh Act IV of 1940

# سنڌ آرڊيننس نمبر LII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LII OF 1984

# سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH CONSUMPTION OF INTOXICANTS RESTRICTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| Short title and commencement | |
| 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 2 جي ترميم<br><br>Amendment of section 2 of Sindh Act IV of 1940 | 2. سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (e) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شق وڌائي ويندي:<br>"(f) "وٺڻ يا واپرائڻ" جنهن ۾ شامل آهي ڪا نشو ڏيندڙ انجيڪشن ذريعي وٺڻ."." |
| 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعہ 3، 4 ۽ 5 جي ترميم<br><br>Amendment of sections 3, 4 and 5 of Sindh Act IV of 1940 | 3. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 3، دفعہ 4 ۽ دفعہ 5 ۾، لفظ "قيد سان گڏ جيڪا ستن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ سان گڏ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ"، جتي ٻيو دفعو اچن ٿا، انهن کي لفظن "قيد سان گڏ جيڪا ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هجي پر ستن سالن کان وڌيڪ بہ نہ هجي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو" سان تبديل ڪيو ويندو.<br><br>**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |